# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريه 2013

# SINDH ACT NO.XXIV OF 2013

# سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2013

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ACT,2013

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد
(Preamble)

دفعات

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIV جي دفعه 14 ۾ ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Act No.XIV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIV ۾ دفعه 23_B جي شموليت
Insertion of section 23_B in Sindh Act No.XIV of 1973

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريہ 2013

# SINDH ACT NO.XXIV OF 2013

# سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2013

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (SECOND AMENDMENT) ACT,2013

[21 مارچ، 2013]

ايڪٽ، جنهن جي ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ عوامي مفاد ۾ ضم ڪيل ڪجهہ ملازمن جي نوڪرين کي مستقل ڪرڻ يا جيئن معاملو هجي، دفعہ 9_A جي تحت حڪومت جي مختلف ڪاتن ۾ سرڪاري ملازمن جي طور تي ترقي ڏنل ۽ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن طرح هوندو.

هن ڪري هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان اور شروعات Short Title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIV جي دفعه 14 ۾ ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Act No.XIV of 1973

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973، جنهن کي هن کانپوءِ ٻه ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو هن جي دفعه 14 ۾، ڄاڻايل دفعه.

”(3) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون يا ڪنهن عدالت جي ڪنهن فيصلي جي ابتڙ نه هجي، حڪومت کي ڪنهن رٽائر سرڪاري ملازم، جنهن جي خدمت، هن جي ماهراڻي نظر سان عوامي مفاد جي لاءِ حڪومت کي بيان ڪيل وقت جي لاءِ گهربل آهي، هن کي مقرر ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ مقرر ڪرڻ جو هميشه اختيار سمجهيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIV ۾ دفعه 23_B جي شموليت
Insertion of section 23_B in Sindh Act No.XIV of 1973

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 23_A کانپوءِ ڄاڻايل هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي.

”23_B.(1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ يا هن جي تحت ٺاهيل قاعدن يا ڪنهن فرمان يا عدالت جي حڪم يا فيصلي جي ابتڙ نه هجي، ضم ڪيل ملازمن ۾ يا جيئن معاملو هجي، صوبي سان لاڳاپيل معاملا ڪنهن عهدي تي دفعه 9_A جي تحت سرڪاري ملازم طور ترقي ڏنل ۽ سنڌ سرڪاري ملازم(ٻي ترميم) ايڪٽ، 2013 جي شروع واري تاريخ کان پهريان اهڙو عهدو رکڻ وارو، بهتري نموني ضم ڪيل يا جيئن معاملو هجي، ان کي ضم ٿيڻ واري تاريخ کان فوري طور تي مستقل بنيادن تي ترقي ڏنل يا جيئن معاملو هجي، ترقي سمجهي ويندي.

(2) ڪنهن ضم ڪرڻ کان متاثر ڪو شخص، يا جيئن معاملو هجي، ذيلي دفعه (1) جي تحت مستقل ڪيل ڏنل ترقي کان متاثر ڪو ٻه شخص، سنڌ سرڪاري ملازم (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2013 جي شروعات کان ٽيهن ڏينهن جي اندر سنڌ سروس

ٽربيونل ۾ اپيل داخل ڪري سگهي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**